# ميرپور خاص جا ڏات ڌڻي



رياض حسين ميمڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ميرپورخاص جا ڏات ڌڻي

(ڏات ڌڻين جي فني ۽ ثقافتي سرگرمين بابت)

## گذريل اڌ صدي ۽ جو

# مختصر جائزو!!

(حصو پهريون)

رياض حسين ميمڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ آهن)

ڪتاب جو نالو : ميرپورخاص جا ذات ڏٽي

ليکڪ : رياض حسين ميمڻ

ڪمپوزنگ : محمد رفيق ميمڻ

ڇاپو : پهريون

سال : 2022ع

تعداد : 200

ڇپائيندڙ : حاجي محمود هالائي ميموريل ڪميٽي

ڇپيندڙ : همدرد پرنٽنگ پريس ميرپورخاص

قيمت : 150/= هڪ سئو پنجاهه رپيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ارپنا

مانواري ليکڪ "ناچيز" جي نالي

جنهن جي ساٿ ۽ سهڪار سان هي ڪتابچو

اوهان جي هٿن تائين پهچائڻ ۾ سڦلتا ماڻيم

(رياض حسين ميمڻ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محمد ۽ ٻيا قابل ذڪر آهن. ان دور ۾ نوجوان رڪارڊسٽ سيد حسن علي شاهه جي قائم ڪيل آڊيو ڪيسٽ ڪمپني "تـر پروڊڪشن" جو اسٽوڊيو به ساڳي هنڌ گهٽيءَ ۾ هلندڙ هو. جتي رات ڏينهن ڳائڻ جي رڪارڊنگ ٿيندي هئي ۽ سنڌ جا تمام مشهور ۽ ناليوارا فنڪار اتي نظر ايندا هئا. سيد حسن شاهه فن ۽ فنڪارن جو سچو قدردان هو. هن پهريون ڀيرو آڊيو ڪيسٽن جي معيار ۽ رڪارڊنگ ۾ جدت ۽ نواڻ آندي. پاڻ هر مهيني جاپان مان وچي نت نوان رڪارڊنگ جا آلات وٺي ايندو هو ۽ گڏوگڏ اُتان سِکيا به وٺي ايندو هو. هن اسٽوڊيو ۾ شاهجهان ڪلهوڙو ۽ راشد جهڙا رڪارڊسٽ پڻ موجود هئا. اِهو هڪ سونهري دور هو. اُن وقت ۾ مشهور محقق ۽ ڪمپيئر قائم سولنگي ثقافتي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ادبي ۽ ثقافتي تنظيم "بزم قائم" ميرپورخاص جو بنياد وڌو. ٻي طرف اسٽيج فنڪار ۽ ڪاميڊين غلام محمد چوهاڻ ۽ سندس ساٿين "الفنڪار آرٽس ويلفيئر سوسائٽي" قائم ڪئي. صحافي ۽ آرٽسٽ صديق ساگر سولنگي طرفان "مارئي آرٽس اڪيڊمي" ميرپورخاص متحرڪ ٿي ۽ ليکڪ رياض حسين ميمڻ ۽ پارومل پريمي "سنڌ ثقافت ڪميٽي" ميرپورخاص نالي سان تنظيم جوڙي. ان ڪانسواءِ "آل پاڪستان سپر ليجنڊ استاد نديم فرينڊس ڪلب" پڻ ثقافتي هلچل ۾ شامل هئي.

ميرپورخاص ۾ فن ۽ ثقافت جي انهن سرگرمين ۾ سئنيمائن جو به حصو شامل آهي! شروعاتي دور ۾ پاشا ٽاڪيز جو ذڪر ڪجي ٿو جيڪا رِنگ روڊ ۽ بادشاهه ريلوي ڦاٽڪ ڀرسان هئي. هيءَ سئنيما بنا ڇت جي ٺهيل هئي ۽ فقط هڪ ئي رات جو اونداهي ٿيڻ بعد هلايو ويندو هو! بعد ۾ پيلس سئنيما، تصوير محل سئنيما، فردوس ٽاڪيز قائم سئنيما ۽ مهر سئنيما جو اضافو ٿيو. جن ۾ سنڌي، اردو، پنجابي ۽ انگريزي فلمن جي نمائش ڪئي ويندي هئي. هنن سئنيمائن ۾ به ڪڏهن ڪڏهن اسٽيج ڊراما ۽ موسيقي جا ورائٽي شو پڻ منعقد ڪيا ويندا هئا جن ۾ ملڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ميرپورخاص ۾ رهائش پذير ملڪ انوکي جي ننڍي ڀاءُ سڪندر حسين جيڪو پڻ هڪ آرٽسٽ ۽ پنهنجي ڀاءُ جو هم شڪل پڻ آهي، راقم سان پنهنجي ڀاءُ جون يادگيريون ونڊيندي ٻڌايو تہ حيدرآباد جي هل ٽاپ سئنيما ۾ هڪ اسٽيج ڊرامون "اُف" تمام گهڻو مشهور ٿيو هوجنهن ۾ اداڪار خالد سليم موٽا, اسماعيل تارا, اطهر شاهہ خان جيدي ۽ شاهنواز گهمن وغيره شامل هئا, ان ڊرامي ۾ ملڪ انوکي هڪ سنڌي ڄٽ ماڻهوءَ جو ڪردار ادا ڪيو هو ۽ ڊرامي کي عروج تي پهچائي ڇڏيو هو, سڪندر حسين ٻڌايو تہ سندس ڀاءُ سچي حياتي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪئي ۽ وڏن وڏن اداڪارن کي سنڌي ڳالهائڻ سيکاريائين ۽ گڏوگڏ ڪيترن ئي نون فنڪارن کي نہ رڳو اداڪاري سيکاري پر ڪين ٽي وي ۽ فلمن ۾ متعارف پڻ ڪرايائين پر افسوس جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ محڪمہ ثقافت ڪاتي ۽ هتان جي عوام هن جي خدمتن جو قدر نہ ڪيو ۽ ڪيس اهو مقام نہ ڏنو ويو جنهن جو هو مستحق هو.

..........................................................................


Scanned with CamScanner

# استاد دين محمد خان

## (فنڪار)

1970ع واري ڏهاڪي دوران ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ ڪراچي سينٽرن تان جيڪي سنڌي ڪلام نشر ٿيندا هئا تن ۾ اسانجي شهر ميرپورخاص سان تعلق رکندڙ پلوڙ راڳي خانصاحب دين محمد جو آواز پڻ نمايان ٻڌڻ ۾ ايندو هيو استاد خانصاحب دين محمد راڳ جي ميڪيا ان وقت جي مشهور فنڪار خانصاحب گلزار علي ڏايو کان ورتي هئي ڪيس شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي تعلم سرن ۾ کي ڳائڻ ۾ خاص مهارت حاصل هئي ۽ سُر سسئي کي اهڙيءَ ريت ڳائيندو هو جو ٻڌندڙن کي ايئن محسوس ٿيندو هو ته سسئي پاڻ اُتي پنهنجي لاءِ پڪارون ڪري رهي هجي!! سندس آواز ۽ انداز جي سحر ۾ ٻڌندڙن تي عجيب ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي!! ريڊيو تي ورهين تائين نشر ٿيندڙ ٿري لوڪ گيت "همرچو" پڻ خانصاحب دين محمد جي سڃاڻپ بڻجي ويو. زندگي ءَ جي آخري ڏهاڪن ۾ اکين جي مرض سبب گوشه نشيني اختيار ڪيائين پر اڪثر موقعن تي پنهنجي لازوال آواز ۾ ڪلام ڳائي دادتحسين حاصل ڪندو رهندو هو. سندس رهائش پاڪسنگهه آباد ۾ هئي جتي حياتيءَ جا آخري پساهه پورا ڪيائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جيجي زرينہ بلوچ

## (فنڪاره - اداڪاره)

29 ڊسمبر 1934ع تي جنم وٺندڙ سنڌ جي مشهور و معروف فنڪاره زرينہ بلوچ جو تعلق ميرپورخاص جي هڪ ناميارې ڊاڪٽر گهراڻي سان هوا زرينہ بلوچ کي قدرت طرفان ڳائڻ جي صلاحيت عطا ٿيل هئي، ان ڪري ننڍپڻ کان ئي پنهنجي خانداني ڪاڄن دوران گيت . سهرا ۽ لاڏا ڏاڍي ترنم سان ڳائيندي هئي ۽ گڏوگڏ ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ دوران اسڪول ۾ ٿيندڙ ثقافتي شو ۾ پڻ پنهنجي آواز جو جادو جاڳائيندي هئي، پر سندس والدين کي اها ڳالهہ پسند نہ هئي ان ڪري جڏهن زرينہ بلوچ پنهنجي شوق خاطر خفيہ طور ريڊيو تي ڪجهہ سهرا ۽ گيت رڪارڊ ڪرايا تہ ڪافي عرصي تائين کين ان ڳالهہ جي خبر نہ پئجي سگهي تہ اهي گيت ڳائڻ واري زرينہ بلوچ سندن ڌيءُ آهي!! پوءِ جڏهن اڳتي هلي ان ڳالهہ جي تصديق ڪيائون تہ پوءِ هنن هميشہ لاءِ هن کان لاتعلقي ڪري ڇڏيا زرينہ بلوچ ريڊيو . ٽي - وي ۽ فلم جي هڪ مڃيل اداڪاره ۽ صداڪاره ٿيڻجي وڃي ۽ لاتعداد ڊرامن ۾ پڻ اداڪاري جا مظاهرو ڪيائين، هن مشهور قوم پرست اڳواڻ رسول بخش پليجو سان پرڻو ڪيو ۽ حياتي جا باقي ڏينهن عوامي تحريڪ جي جدوجهد ۾ عملي طور حصو وٺندي گذاريائين.

# مسعود رانا

## (فنڪار)

پاڪستان فلم انڊسٽري جو ناميارو ڳائڻو مسعود رانا تاريخ 6. آگسٽ 1941ع تي ميرپورخاص جي چاڪي پاڙي ۾ ڄائو. کيس ننڍپڻ کان وٺي گيت سنگيت ڪان دِلي لڳاءُ هوندو هئس. شروعاتي دور ۾ پنهنجي سنگتي ساٿين مذاحيه اداڪار ملڪ انوکي ۽ راڳي غلام قادر لنجوائي سان گڏجي مقامي سطح تي ٿيندڙ ننڍين ننڍين فنڪشنن ۾ ڳائڻ شروع ڪيائين ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي سندس شهرت جو پکي فن جي آسمان تي پرواز ڪرڻ لڳو. مسعود رانا هڪ موقعه شناس ماڻهو هو. هن محسوس ڪيو ته ميرپورخاص، حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ کيس اهو مقام حاصل نه ٿيندو ان ڪري هن لاهور وڃڻ جو فيصلو ڪري ورتو. وقت ثابت ڪيو ته ان جو اهو فيصلو بلڪل صحيح هو!! هن لاهور وڃڻ سان ئي اُتي جي فني دنيا ۾ جاءِ والاري ورتي. هن جي آواز ۾ سوين اردو، سنڌي ۽ پنجابي گيت رڪارڊ ٿيا ۽ هُو پاڪستان فلم انڊسٽري جو مشهور ۽ معروف گلوڪار بڻجي ويو. هن جي ڳايل گيتن جي آڌار تي مشهور فلمن کي ڪاميابي حاصل ٿي. مسعود رانا تي لاهور ۾ هڪ آرٽسٽ عورت کي قتل ڪرڻ جو الزام لڳو ۽ جيل پڻ ويو. هن 4 آڪٽوبر 1995ع تي لاهور ۾ وفات ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# غلام قادر لنجواڻي

## (فنڪار)

ميرپورخاص جي ڪارپاڙي لڳ خاصخيلي گهٽيءَ ۾ رهندڙ پلوڙ راڳي غلام قادر لنجواڻي بہ آواز جي دنيا ۾ پنهنجي سڃاڻپ رکندڙ هو غلام قادر لنجواڻي هڪ درديلو ۽ پُر سوز لهجو رکندڙ ڳائڻو هو هن جي خانصاحب گلزار علي دايو کان راڳداري جي سکيا ورتل هئي. ڪيس فني دنيا ۾ ان وقت عروج مليو جڏهن هن ناماري شاعر سيد مرتضيٰ شاهہ ڏاڏاهي مرحوم جو ڪلام "زهر ڪي بہ زمزم ڪري پي ڏٺوسين" ڳايو. ان بعد هن مخدوم طالب المولى، استاد بخاري، خانصاحب عبدالڪريم پلي، ولي محمد "وفا" پلي ۽ ٻين شاعرن جا ڪلام ڳائي مشهوري ماڻي. آخري وقت ۾ ساهہ جي تڪليف سبب اسپتال ۾ دوران علاج سال 1991ع ڌاري وفات ڪيائين. سندس پٽ لعل بخش ۽ غلام عباس لنجواڻي سندس نالي کي قائم رکڻ جا جتن ڪندا اچن.


Scanned with CamScanner

# محمد رفيق ميمڻ

## (آرٽسٽ ـ فنڪار)

محمد رفيق ميمڻ ولد حاجي محمود هالائي سن 1957ع ۾ ميرپورخاص ۾ پيدا ٿيو ننڍي هوندي کان لکڻ پڙهڻ ڏانهن لاڙو گهٽ هئڻ سبب سنڌي پرائمري جا پنج درجا پاس ڪرڻ بعد همدرد پريس ۾ ڪم سکڻ ۾ مشغول ٿي ويو. ڪيس اداڪاري ۽ گلوڪاري جو به شوق هو جنهن کي پورو ڪرڻ لاءِ هُو غريب آباد ۾ استاد آغا گل محمد پٺاڻ جي قائم ڪيل "مهراڻ آرٽ سرڪل" ۾ وڃي فلمي گانا ڳائڻ جي پريڪٽس ڪندو هو ۽ ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ منعقد ٿيندڙ فنڪشنن ۽ محفلن ۾ ڳائڻ لڳو. انهيءَ ڪانسواءِ هن سنڌي فلمن جي مشهور مصنف ۽ هدايتڪار جناب اسماعيل بن واصف جي شاگردي ۾ سنڌي فلم "محبت ۽ مذهب" ۾ اداڪاري پڻ ڪئي ۽ فلم جو اسسٽنٽ ڊئريڪٽر به رهيو. فلمن جي حوالي سان هن وٽ همدرد پريس تي مشهور فنڪارن جي آمدرفت رهندي هئي جنهن ۾ اداڪار ساقي، روبينه حيدري، اداڪار وسيم، بابر سلطان، گلوڪاره انجم آرا، شهناز پتي، موسيقار غلام علي، موسيقار فيروز گُل، موسيقار ضامن رانا، گلوڪار مولا بخش لاسي، هدايتڪار صمد شيخ، هدايتڪار شيخ حسن ۽ ٻيا به ڪيترائي فنڪار قابل ذڪر آهن. فلم جي شوٽنگ جي سلسلي ۾ هو پنهنجي ننڍي ڀاءُ رياض حسين سان گڏجي سنڌ جي مختلف شهرن جهڏو ڪ شڪارپور، لاڙڪاڻو، دادو ڦلجي اسٽيشن، ميهڙ، ڪنري عمرڪوٽ، مٺي، قاضي احمد، ڄامشورو، سعيد آباد، اڏيرو لال، ڪراچي فلم اسٽوڊيو ۽ ٻين هنڌن تي فلم يونٽ سان گڏ هوندو هو. فلم ڊئريڪٽر اسماعيل بن واصف جي اوچتي وفات بعد فلمي دنيا کان الڳ ٿي ويو. محمد رفيق ميمڻ فنڪار سان گڏوگڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صحافي به هوءِ هو همدرد اخبار جو پرنٽر پبلشر، ايڊيٽر به هوءِ ميرپورخاص پريس ڪلب جو به ٻيرا نائب صدر ۽ ٽي ڀيرا خزانچي به رهي چڪو هو. هن پريس ڪلب طرفان ٽيندڙ صوبائي دورن دوران پوري پاڪستان جي تمام مشهور تفريحي مقامن جو سير ڪري چڪو آهي. پاڻ هن وقت عمر جي تقاضا ۽ ڪمزوري سبب گوشه نشيني اختيار ڪري زندگي جا باقي ڏينهن آرام سان گذاري رهيو آهي.

........................................................................



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# قائم سولنگي

## (ڪمپيئر محقق)

محمد حسين المعروف قائم سولنگيءَ جو بحيثيت اديب، محقق ڪان علاوه "ڪمپيئر" طور ڪردار نمايان رهيو آهي. فن اسٽيج سيڪريٽري جيئنوٽيڪ منفرد ۽ عمدو آهي ڳڻوڳڻ ثقافت ۽ فن جي ميدان ۾ صداڪاريءَ وانگر وسيع مطالعي ۽ چاڻ جو به ڳڻجائو آهي. جنهن ۾ تلفظ جي ادائيگي، پروگرام جي ماحول ۽ مزاج جو خيال رکندي حاضرين کي ڪنهن بوريت کان بچائڻ، اسٽيج تي ويٺل مهمانن ۽ مقررين جي مرتبي ۽ شخصيت مطابق ڪين سڏڻ ۽ سڏڻ جي موضوع کي سامهون رکي هڪ ڪامياب ڪمپيئر ٿي نيائي سگهي ٿو. اها خوبي ڏاهي قائم سولنگيءَ ۾ اُتم موجود آهي.

پاڻ 1978ع کان اڄ تائين لاتعداد محفلن، سيمينارن، مشاعرن ۽ خاص طور موسيقيءَ جي ماندائن کي ڪمپيئرنگ ذريعي چار چنڊ لڳائيندو رهيو آهي. پاڻ ان ڏس ۾ سيد صالح محمد شاهه عرف ڏاڏي فتح خان کي پنهنجو استاد چئي ٿو. وڏيڪ اهو به ته "قائم سولنگي هڪ ئي وقت سنڌيءَ سان گڏ اردوءَ ۾ به وٽندڙ ۽ متاثر ڪندڙ اناؤنسمينٽ ڪندو رهيو آهي. هتي سنڌس ڪمپيئرنگ جا ڪي مثال طور پروگرام نه لکي رهيو آهيان. جو پاڻ ڪافي وقت کان گهٽ وڏن، ننڍن فنڪشن ڪامياب ڪندو رهيو آهي. ان ڳالهه تي اڪثريت متفق آهي ته فن ڪمپيئرنگ

ثقافت جي ناٽڪ پڻ هڪ فن ۽ آرٽ آهي. ڪنهن ڪنهن جي حصي اها ڏات اچي ٿي ته سون تي سهاڳي ۽ کير ۾ کنڊ جو ڪم ٿئي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ڪنهن به پروگرام کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڄاڻو ۽ بهتر "ڪمپيئر" جو هئڻ لازمي آهي

مون جڏهن پهريون دفعو قائم سولنگيءَ کي ميرپور خاص ۾ مينگو فيسٽيول جي زرعي سيمينار ۽ ٻي رات "موسيقي" پروگرام ۾ اسٽيج تي ڪمپيئرنگ ڪندي ڏٺو ته چئي ويٺس "تون پهرين نظر ۾ ڪسي دل کٽي وئين"!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# الهڏنو جوٽيجو

## (فنڪار)

مشهور فنڪار الهڏنو جوٽيجو جي پيدائش ميرپورخاص ۾ ٿي، اڃان ننڍوئي هو تہ سندس خاندان لاڏي وڃي رپ شريف ضلع بدين ۾ ويٺو! الهڏنو جوٽيجو کي ننڍپڻ کان ئي راڳ ٻڌڻ ۽ ڳائڻ جو شوق هو ان ڪري ان وقت جي مشهور فنڪارن ماسٽر محمد ابراهيم، محمد جمن، محمد يوسف ۽ سينگهار علي سليم جي ڳايل ڪلامن کي جهونگاريندو رهندو هو! تانجو ڍولڪ نواز محمد عيسيٰ جوڀو هن کي راڳداريءَ ڏانهن مائل ڪيو ۽ هن محمد حيات چانگ جيڪو فنڪاره نور بانو جو ماموں هو ان کان باقاعده موسيقيءَ جي سِکيا ورتائين. هن بعد ۾ استاد منو ڪڇي جي شاگردي اختيار ڪئي ۽ ڪلاسيڪي موسيقيءَ ۾ نالو ڪمايائين. هن جي شهرت کي ان وقت عروج حاصل ٿيو جڏهن ٽر پروڊڪشن ميرپورخاص وارن هن جون آڊيو ڪيسٽون رليز ڪيون جنهن بعد هن جو آواز سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گونجڻ لڳو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# روبينہ حيدري

(فنڪاره)

سنڌي لوڪ موسيقي جي ميدان ۾ روبينہ حيدري اها واحد فنڪاره هئي جنهن ڇهڙين ۾ بيڪتاري تي ڪلام ڳائڻ جي شروعات ڪئي، گڏوگڏ مردانہ ڪپڙا ۽ سنڌي ٽوپي پائڻ سان هن پنهنجي شخصيت کي ٻين فنڪارائن کان منفرد طور پيش ڪيو. مردانہ طرز اختيار ڪرڻ تي جتي کيس سٺي موٽ ملي ۽ خوب داد مليو اُتي کيس زبردست تنقيد بہ برداشت ڪرڻي پئي تہ هن جلال چانڊئي جي نقل ڪئي آهي!! بهرحال ڏسندي ئي ڏسندي روبينہ حيدري عوامي محفلن، اسٽيج ڊرامن ۽ آڊيو ڪيسٽن جي دنيا جي هڪ معروف ترين فنڪاره بڻجي وئي ۽ خوب نالو ڪمايائين. هن پنهنجي فن جي شروعات ٿيٽر کان ڪئي ، ميرپورخاص ۾ ڪپرو بس اسٽينڊ تي لڳندڙ ٿيٽر ۾ هو ”روبينا ڪتاري“ جي نالي سان ڳائڻ ايندي هئي. اهو ٿيٽر هن جو پياءُ محمد علي شاهاڻي لڳائيندو هو. روبينہ ڪتاري جي مقبوليت کي ڏسندي تاج مستاني ۽ حسينہ حيدري پڻ ميدان ۾ آيون. سنڌي فلمن جي مصنف ۽ هدايتڪار اسماعيل بن واصف کيس پنهنجي سنڌي فلم ”محبت ۽ مذهب“ ۾ هيروئن طور ڪاسٽ ڪيو جيڪا فلم بعد ۾ هدايتڪار جي اوچتي وفات سبب اڌوري رهجي وئي، روبينہ حيدري سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ لڳندڙ ميلن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندي رهي ۽ وقت گذرڻ سان هن وقت فني دنيا کان پاسيري رهي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# منظور نديم (رائيٽر - اداڪار)

ڪي وقت هوندو هو جڏهن ميرپورخاص ۾ فن ۽ ثقافت سان جڙيل سرگرميون عروج تي هيون. هتان جي فنڪارن ۽ اداڪارن پنهنجي طور تي اهڙين سرگرمين ۾ حصو ورتو ۽ ناليوارا ٿيا. انهن تقريبات ۾ نوان ان وقت پيدا ٿي جڏهن مشهور ڪاميڊين معين اختر جي طرز تي هتان جي هڪ نوجوان نالي منظور نديم انهيءَ ميدان ۾ لٿو، هن اچڻ سان ئي مزاحيه "ون مين شو" جي بنياد وجهي ڇڏيا هن جڏهن آغا گل محمد جي "مهراڻ آرٽ ۽ ميوزڪ سرڪل" ڪلب ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ اسٽيج ڊراما لکڻ لڳو ته سندس صلاحيتون اُجاگر ٿي پيون ۽ هن جي لکيل ڊرامن ڪيس تمام گهڻي شهرت ڏياري. منظور نديم اصل ۾ اداڪار نديم کان متاثر هو ۽ هن پنهنجي شوق ۽ محنت جي آڌار تي اداڪار نديم تائين رسائي حاصل ڪئي ۽ ڪافي رهنمائي پڻ ورتائين. منظور نديم اڳتي هلي انهيءَ شوق کان ڪجهه پاسيرو ٿي ڊاڪٽري (هوميو) جي تعليم ورتي هن وقت پنهنجي ڪلينڪ هيرآباد ۾ هلائي رهيو آهي.

..........................................

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# نجيب سانيري (صحافي ـ فنڪار)

ميرپورخاص جي غريب آباد محلي ۾ رهندڙ نجيب الرحمان سانيريءَ جي شخصيت ڪان ڪير واقف نه هوندو؟ هيءُ نوجوان هڪ ئي وقت سماجي ڪارڪن، صحافي ۽ فنڪار پڻ هو. نجيب سانيري کي غزل ڳائڻ ۾ مهارت حاصل هئي. پنهنجي گهر جي اوطاق ۾ وٽس هڪ هارمونيم ۽ طبلو رکيل هوندا هئا جڏهن ڪو مهمان هن وٽ ويندو هو ته هُو ڪيس سندس خاطر تواضع ڪرڻ بعد پنهنجي ڪلام سان به مستفيض ڪندو هو. هن جي ساڄي ڌڙ تي اڌ رنگ (فالج) جو اثر هو جنهن سبب هڪ پاسي ۾ هڪ تنگ ڪان متاثر هو. سماجي ڪمن ۾ سدائين اڳيرو هوندو هو ۽ هن پنهنجي دوستن سان گڏجي هڪ فلاحي تنظيم "يوٿ ويلفيئر ڪائونسل" ناهي هئي. پريس ڪلب ميرپورخاص جو عهديدار پڻ هو. هن پنهنجي فنڪارانه شوق ۽ جذبي تحت ڪيترن ئي اسڪولن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي موسيقيءَ جي سِکيا ڏني ۽ شهر ۾ ٿيندڙ ورائٽي پروگرامن ۾ انهن شاگردن جا پروگرام ڪرايائين. نجيب سانيري طويل عرصو علالت بعد وفات ڪري ويو.

.................................................................................

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# آچر فقير مڱڻهار

## (لوڪ موسيقار)

اسانجي سنڌ ۾ شادين، مرادين ۽ خوشين جي ڪاڄن ۾ دهل ۽ شرنائيون وڄائڻ لازمي سمجهيو وڃي ٿو ۽ اها اسانجي ثقافت جو حصو پڻ آهي، ميرپورخاص ۾ هونئن ته بيشمار مڱڻهار فقير انهيءَ فن ڪان لاڳاپيل آهن پر مرحوم آچر فقير مڱڻهار تمام گهڻو مشهور شرنائي نواز ۽ موسيقار طور سڃاتو ويندو هو. پير ڪالوني ۾ رهندڙ آچر فقير شرنائي تي سنڌي سهرا ۽ ڪافيون وڏي مهارت سان وڄائيندو هو. شادين ۽ خوشي جي موقعي تي گهڻو ڪري هن کي ئي مدعو ڪيو ويندو هو. هن جي ترتيب ڏنل طرزن ۽ ڌنن تي وڄايل دهل شرنائيون ريڊيو پاڪستان ۽ ٽيليويزن تي پڻ نشر ٿينديون هيون ۽ مرحوم آچر فقير مڱڻهار جي اها به خاصيت هئي ته هو هميشه سنڌي لباس بوسڪي جي قميص ۽ سفيد شلوار سان مٿي تي سهڻو پٽڪو ٻڌي وڏا ۽ ڪارا شهپر سنواري پيش ٿيندو هو. هن 23 نومبر 1998ع تي وفات ڪئي.




Scanned with CamScanner

## منجي ڀيل (يڪتاري ۽ ڇيڙ جو ماهر فنڪار)

منجي ڀيل 1990ع ۾ سنگيت جي دنيا ۾ پير پاتو ۽ پنهنجي استاد ارباب سولنگي وٽان راڳ جا رنگ ڇيڙ، پهرين ڪيسٽ ٽڙ پروڊڪشن ۾ رليز ڪيائين ميرپورخاص ويجهو ڳوٺ ويسرو ۾ رهندڙ سنڌ جو سريلو فنڪار منجي ڀيل 300 کان مٿي ڪيسٽون رليز ڪري چاهيندڙن جي دلين تي راڄ ڪري ٿو. يڪتاري ۽ ڇيڙي جو ماهر گلوڪار منجي ڀيل به هڪ سنڌ جو ڪلچر رکندڙ سنگر آهي. گلوڪار منجي پورهيت طبقي جي ڀيل برادري سان تعلق رکي ٿو. منجي ڀيل جي ڳايل گيت "ڪٿي تون ڀيو وسين، ڪٿي مان ڀيو وسان" تمام گهڻي مشهوري ماڻي هن گيت ماڻهن کي تمام گهڻو متاثر ڪيو.

........................

## لياقت علي ۽ امانت علي (فنڪار)

ميرپورخاص جي فنڪارن ۾ مرحوم خانصاحب استاد دين محمد جي فرزند لياقت علي جو به شمار آهي، جنهن راڳداريءَ جي سکيا پنهنجي والد کان حاصل ڪئي آهي. جيتوڻيڪ لياقت علي تعليم جهڙي مقدس پيشي سان لاڳاپيل آهي ۽ هڪ سٺو استاد پڻ آهي پر گڏوگڏ هيءَ هڪ سريلو راڳي به آهي ۽ شهر ۾ ٿيندڙ اڪثر پروگرامن ۾ حصو وٺندو رهي ٿو. ان کانسواءِ سندس پٽ نوجوان راڳي امانت علي به ميرپورخاص جي فني ميدان ۾ سٺو اضافو آهي ۽ تيزيءَ سان پنهنجي فن ذريعي مشهوري ماڻي رهيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ريحانہ تبسم

## (اداڪاره - ماڊل)

پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي سينٽر تان پيش ٿيندڙ سنڌي پروگرامن ۾ هتان جي مشهور اداڪاره ۽ ماڊل ريحانہ تبسم جو نالو بہ شامل آهي. ريحانہ تبسم جو تعلق هونئن تہ هالا نوان شهر سان آهي پر ڪافي سالن کان ميرپورخاص ۾ رهائش پذير آهي ۽ فن ۽ ثقافت جي پيشي سان لاڳاپيل آهي. هن شروعات ۾ ڳائڻ جي سکيا مشهور استاد امير علي کان ورتي، ٿر پروڊڪشن جي ڪيترين ئي آڊيوڪيسٽن ۾ آواز جو جادو جاڳائڻ بعد هن ٽي-وي تي قسمت آزمائي. جنتي پروڊيوسر اعجاز عليم عقيلي کيس متعارف ڪرائيندي پنهنجي پروگرام "پرک" ۾ اسلم آزاد سان گڏ مهماندار طور موقعو ڏنو. بعد ۾ هن کي پروڊيوسر نعيم بلوچ . منظور مگسي، منظور قريشي، محمد بخش سميجو ۽ ٻين پنهنجي پروگرامن ۽ ڊرامن "پارکو". لطيفي لاٽ"، "گهڙيال" ، "محفل" ۽ ناٽڪ رنگ جي مختلف ڊرامن ۾ چانس ڏنا. ريحانہ تبسم اداڪاري ۽ ماڊلنگ سان گڏوگڏ گلوڪاري بہ ڪندي آهي ۽ اڄڪلهہ بطور فنڪاره مختلف پروگرامن ۾ حصو وٺندي رهندي آهي.

..........................................................................

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# لال بخش لنجواڻي
# ۽ غلام عباس لنجواڻي
## (فنڪار)

ميرپورخاص جي مشهور فنڪار غلام قادر لنجواڻيءَ جي وفات بعد هن جي فرزند لال بخش لنجواڻي سندس نقشِ قدم تي هلندي راڳداري جي شعبي ۾ قسمت آزمائي جاري رکي ۽ لاڳيتو محنت ۽ شوق جاري رکندي پنهنجو نالو ڪمايو اٿس. بنيادي طرح محنت مزدوري ڪري پنهنجو ڪٽنب پالي رهيو آهي ۽ سندس ننڍو ياءُ غلام عباس لنجواڻي پڻ پنهنجي پيءُ ۽ ياءُ جيان راڳداري جي شعبي ۾ پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي رهيو آهي، اڪثر پرائيويٽ چئنلن تي ڪيس موقعا ملندا رهن ٿا.

..........................................................................

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حميد گل

(مصور - وزئل آرٽسٽ)

ميرپورخاص ۾ مصوري ۽ آرٽ جي ميدان ۾ نالو ڪمائيندڙ ناماياري آرٽسٽ حميد گل 1978ع ۾ ميرپورخاص ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم گورنمنٽ هاءِ اسڪول مان حاصل ڪيائين ۽ گريجوئيٽ ۽ ماسٽر جي ڊگري سنڌ يونيورسٽي مان حاصل ڪيائين. جڏهن ته سنڌ ٽيڪنيڪل بورڊ مان ماسٽر آف ڊرائينگ به پاس ڪيل آهي. گذريل 25 سالن کان آرٽ جي ميدان ۾ پنهنجي جواهر پارن جي نمائش ڪري رهيو آهي هن مشهور استادن عبدالرفيق ، لال محمد پٺاڻ ۽ عبدالجبار گل کان سِکيا ۽ رهنمائي حاصل ڪيل آهي ۽ سندس آئل پينٽ ۾ ايبسٽريڪٽ ورڪ ۾ سنڌي ثقافت جو رنگ نمايان آهي. اڄڪلهه شهر جي وڏي تعليمي اداري ڪمپريهينسو سيڪنڊري اسڪول ميرپورخاص ۽ آرٽ ڪائونسل ميرپورخاص ۾ ٽيچر طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# عزيزالله ميمڻ

## (استاد. ڪمپيئر)

ميرپورخاص ۾ فن ۽ ثقافت جي آبياري ڪندڙ شخصيتن ۾ عزيزالله ميمڻ جو به چڱو حصو رهيو آهي. سينئر صحافي ۽ رٽائرڊ بينڪار حبيب الله ميمڻ جو لائق فرزند عزيزالله ميمڻ شروعاتي تعليم گورنمنٽ سنڌي پرائمري اسڪول غريب آباد مان حاصل ڪئي ۽ وڌيڪ تعليم لاءِ هالا جي درسگاهن ۾ ويو. ننڍپڻ کان ئي لکڻ پڙهڻ ۾ هوشيار هو ۽ کيس خدا طرفان سنو آواز توڙي انداز مليل هو. فيملي توڙي يارن دوستن جي صحبت ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکارڻ سان پتو پيو ته هن ۾ به اداڪاري ۽ صداڪاريءَ جا جراثيم موجود آهن. استاد جهڙي مقدس پيشي سان منسلڪ ٿيڻ، مختلف سماجي ۽ ادبي توڙي ثقافتي تنظيمن سان لاڳاپو هئڻ ڪري انهن جي پروگرامن ۾ ڪمپيئرنگ ڪرڻ سبب سنو ميزبان ۽ ڪمپيئر بڻجي پيو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان انيڪ پروگرامن جي ميزباني ڪيائين ۽ سنڌس آواز ۾ رڪارڊ ڪيل پروگرام جنهن ۾ ميرپورخاص جي پسگردائي ۾ ٿيندڙ ترقياتي ڪمن جهڙوڪ پرائمري اسڪول، بنيادي صحت مرڪز لنڪ روڊ . پيئڻ جي پاڻي جي تلاءُن جي فراهمي وارين رپورٽن کي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان ـ ان سان گڏوگڏ موهن جي دڙي مان بيل گاڏي جي ڏيٽي جي پس منظر تي موجوده ڏڳي گاڏي تي تفصيلي پروگرام جنهن ۾ ڏڳي گاڏي ۾ استعمال ٿيندڙ ڪاٺ . سامان ۽ انهن جي حصن بابت پروگرام نشر ٿيا. عزيزالله ميمڻ اڄڪلهه هڪ سينئر استاد طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جيرام داس لوهار

## (فنڪار)

ميرپورخاص سان تعلق رکندڙ گلوڪار جيرام لوهار 37 سال اڳ گوپال داس جي گهر جنم ورتو پاڻ 8.9 سالن جي ڄمار ۾ ئي گهريلو ٽيندڙ ستسنگ، شادي وغيره جي موقعن تي ڀڄنن توڙي ٻين پروگرامن جي موقعن ۾ ڳائي سنگيت جي دنيا ۾ پير پاتو. هُو ٻڌائي ٿو تہ هن وقت تائين رجب فقير، ڪمار سانو ڪشور ڪمار، لتا منگيشڪر ۽ ٻين فنڪارن جا ڪيس تقريبن پنج سئو گانا ياد آهن!! هن چيو تہ ڪيس ڪيسٽ رڪارڊ ڪرائڻ جي ڪڏهن بہ خواهش ناهي ٿي، ڊاڪٽر هيرانند هڪ ڀيري هن جي آواز ۾ ڪيسٽ رڪارڊ ڪرائڻ جي خواهش ظاهر ڪئي پر جيرام داس ڪيس صاف انڪار ڪري ڇڏيو. هُو ٻڌائي ٿو تہ سنگيت جي دنيا ۾ اچڻ سان ڪيس ڇهين ڪلاس ۾ ئي تعليم کي اڌ ۾ ڇڏڻو پيو. پر سنگيت سان مونکي روح جو سڪون ملي ٿو. ازدواجي زندگي ۾ الجهيل رکڻ ڪري روزگار سانگي جيرام داس مزدوري، رڪشا هلائڻ، پرت پرڻ ۽ ٻين ڪمن ۾ پڻ پنهنجي قسمت آزمائي پر ڳائڻ جو جنون سندس پيڇو نہ ڇڏيو ۽ هو جتي بہ جنهن ڪم سان لڳو اتان ٿوري عرصي ۾ ئي ڪم ڇڏي وڃي سنگيت جي دنيا سان وابستہ ٿيو. جنهن سبب هن وقت سندس مالي حالات پڻ بهتر ناهن. ڪيس ٽن ٻارن جو اولاد آهي جن جي بهتر مستقبل لاءِ هُو ڏاڍو فڪرمند آهي. هُو ٻڌائي ٿو تہ سندس دوستن پريم ڪمار، سريش ڪمار، جڳمالداس، ايشورداس ۽ ٻين ڪيس هر موڙ تي سندس همٿ افزائي ڪئي آهي. جيرامداس لوهار جي خواهش آهي تہ هُو مالي رنجشن کان آزاد ٿي مڪمل طور سنگيت جي دنيا ۾ اچڻ چاهي ٿو پر افسوس حالات هن وقت سندس ساٿ نہ ڏئي رهيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اعجاز حسين ميمڻ

## (آرٽسٽ)

نوجوان پريس ورڪر اعجاز حسين ميمڻ جيتوڻيڪ هڪ محنتي ۽ هوشيار پريس ورڪر هو پر منجهس قدرت طرفان فن جي ڏات مليل هئي! هڪ ئي وقت آرٽ ۽ فن ۽ ثقافت جي ميدان ۾ اڳيرو هوندو هو. ڪيس پينٽنگ ۽ مصوري جو شوق هو جنهن لاءِ هن مصور ۽ آرٽسٽ مبين اعجاز جي شاگردي اختيار ڪئي ۽ سڪندر پينٽر کان به رهنمائي ورتائين. شهر ۾ ايندڙ لکي ايراني سرڪس جي آرٽسٽن سان سندس گهڻي واقفيت هوندي هئي. هدايتڪار اسماعيل بن واصف پنهنجي سنڌي فلم لاءِ چائلڊ هيرو طور هن کي ڪنيو هو ۽ هن فلمن جي فائيٽرن بابر بلوچ ۽ شوڪت کان فائٽنگ جي سِکيا به ورتي هئي. اعجاز حسين پنهنجي وڏن ڀائرن محمد رفيق ميمڻ ۽ رياض حسين ميمڻ جيان فن ۽ ثقافت سان لاڳاپيل سرگرمين ۾ حصو وٺندو هو ۽ ڪيس سئنيمائن ۾ لڳندڙ فلمن، اداڪارن ۽ فلمي گيتن بابت سموري ڄاڻ هوندي هئي. سندس هٿ اکر تمام سٺا هوندا هئا ۽ شهر جي اڪثر دوڪاندارن هن کان پنهنجا سائن بورڊ لکرايا هئا! جيڪي هو بنا معاوضي خوشيءَ سان لکي ڏيندو هو. اعجاز حسين ميمڻ سال 2013ع ۾ ٽنگ جي هڏي ڀڄي پوڻ سبب طويل علالت بعد 27 آڪٽوبر تي وفات ڪئي.

..........................................

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تڏهن مونکي خبر پئي تہ ان عورت ۽ مور جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي ۽ شايد اهو مور روز اتي ايندو هوندو ۽ اها عورت ساڳي پيار سان مور کي ماني کارائيندي هوندي تہ اها منهنجي سڀ کان پسنديده فوٽو آهي. منهنجي خواهش آهي تہ منهنجي فئملي يعني منهنجو پٽ يا ڌيءَ بہ فوٽوگرافر ٿيئي ۽ انهن کي بہ اهو مان سيکاري رهيو آهيان. ڪلچر ڊپارٽمنٽ مختلف ايونٽس ۾ مدعو ڪندو آهي ۽ مان وقت ڪڍي شريڪ بہ ٿيندو آهيان. پرائيڊ آف پاڪستان ايوارڊ ماڻيندڙ عمانويل گڊو جو وڏيڪ چوڻ آهي تہ مان چاهيان ٿو تہ پنهنجي فوٽوگرافي ذريعي سنڌ جي سموري سونهن کي دنيا آڏو متعارف ڪرايان.

..........................................................................

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# غلام محمد چوهاڻ

## (اسٽيج اداڪار)

ميرپورخاص ۾ اسٽيج ڊرامن کي عروج تي آڻڻ ۽ اداڪاريءَ جي سرگرمين کي هٿي ڏياريندڙ شخصيتن ۾ غلام محمد چوهاڻ جون خدمتون وِسارڻ جهڙيون ڪونه آهن. هن ۾ ننڍپڻ کان ئي فني ۽ اداڪاري جي صلاحيتن کي ظاهر ڪرڻ جو شوق ۽ جذبو هو. ان ڪري هن پنهنجي خداداد صلاحيتن کي ڪم ۾ آڻيندي پنهنجي ڊراميٽڪ سوسائٽي ”الفنڪار آرٽس ويلفيئر سوسائٽي“ قائم ڪيائين. جنهن تحت ٿيندڙ اسٽيج ڊرامن ۾ بيشمار نوان آرٽسٽ ۽ فنڪار پيدا ٿيا ۽ مشهوري ماڻيائون. پاڻ اڳ ۾ واپڊا ملازم هو جتان ڪافي عرصو اڳ رٽائر ٿيڻ بعد هن وقت سماجي ۽ تفريحي سرگرمين ۾ اڳڀرو رهي پيو.

........................................



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# رشيد احمد خاصخيلي (اداڪار)

ميرپورخاص جي فنڪارن ۽ اداڪارن ۾ رشيد احمد خاصخيلي جو نالو پڻ ڄاڻ والاري ٿو جنهن کي رشيد همدم جي نالي سان به ڄاتو سڃاتو ويندو هو. بنيادي طور پرائمري استاد هو پر اسٽيج توڙي ٽيليويزن جي عروج واري زماني ۾ بيشمار اردو ۽ سنڌي ڊرامن ۾ ڪم ڪيائين.

# بينا مسرور

## (اداڪاره)

جنهن وقت ۾ پاڪستان ٽيلي ويزن ڪراچي سينٽر تان سنڌي ڊرامن جو سلسلو "تانڪ سيا" هلندڙ هو ان زماني ۾ بينا نالي هڪ نئين ڇوڪري اڪثر هيروئن جي ڪردار ۾ اچڻ لڳي. بينا هڪ مشڪي رنگ جي پُرڪشش شخصيت رکندڙ اداڪاره هئي. هن جو تعلق ميرپورخاص سان هو ۽ ڪنهن ڪاليج ۾ پڙهڻ وينديي هئي ته اڪثر مونکي ڏسڻ ۾ ايندي هئي!! هن جو هڪ مشهور ڊرامون "ڪاڪيلي" ٽي-وي ۽ ٽي ناٽڪ رنگ ۾ هليو هو هتانجي صحافي دوست علي پنّي هن کان پهرين پيرو "عبرت" اخبار لاءِ انٽرويو ورتي شائع ڪرايو هو. جنهن بعد بينا تمام گهڻي شهرت حاصل ڪئي. بعد ۾ پاڪستان ٽيليويزن جي پروڊيوسر بيدل مسرور سان پرڻو ڪري ورتائين ۽ اداڪاري جي دنيا کي هميشه لاءِ خيرباد ڪيائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# فرح ميمڻ (اداڪاره)

پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي سينٽر تان سنڌي ڊرامن ۾ اداڪاري ڪندڙن ۾ هتانجي مشهور اداڪاره فرح ميمڻ جو به نالو شامل آهي. ٽائون پوليس ٿاڻي پرسان پيير ڪالوني روڊ تي رهندڙ فرح ميمڻ هڪ تعليم يافته ڇوڪري هئي جيڪا ڪراچيءَ جي ڪنهن هوائي ڪمپنيءَ ۾ ايئر هوسٽس به هئي!! هن ۾ فنڪارانه صلاحيتون پڻ هيون ۽ هن ٽي - ويءَ جي بيشمار سنڌي توڙي اردو ڊرامن ۾ ڪم ڪيو. مشهور اداڪار اعجاز ٻرڙو سان شادي ڪرڻ بعد منظر تان غائب ٿي ويئي.

..........................................................................

# ارباب سولنگي (لوڪ فنڪار)

آڊيو ڪيسٽن ۽ نجي محفلن توڙي ميلن ملاڪڙن ۾ يڪتاري ۽ چپڙين تي سنڌي ڪلام ڳائيندڙ ارباب سولنگي ميرپورخاص جو مشهور فنڪار ٿي گذريو آهي. اڪثر شاهي بازار جي ڪنهن هوٽل تي نظر ايندو هو. ڪيس ان وقت عروج حاصل ٿيس جڏهن هن ڪلام " ڀٽا تنهنجي دشمن کي ڳولهي ڳولهي ماريندا سين" ڳايو جيڪو سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۽ جهرجهنگ ۾ تمام گهڻو مشهور ٿيو. جڏهن محترمه بينظير ڀٽو ٻهريون ڀيرو اقتدار ۾ آئي ته هن ارباب سولنگيءَ جي بيحد واڪاڻ ڪئي ۽ هن کيس مالي امداد ڪانسواءِ ڳاڏي پڻ ڏني. پر جيئن ته عروج کي زوال به آهي، ارباب سولنگي آخري وقت ۾ انتهائي ڪسمپرسيءَ ۽ بيماري سبب وفات ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پارو مل پريمي

(اديب ـ شوبز صحافي)

ميرپورخاص جي ادبي، صحافتي ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ سدائين ھين ڪان اڳتي رھندڙ پارو مل پريمي ڪنھن تعارف جو محتاج ڪونھي، پاڻ ھڪ ئي وقت شوبز صحافي، ليکڪ ۽ چترڪار طور سرگرم رھي ٿو. 21 جنوري 1971ع تي ھيراني ضلع سانگھڙ ۾ رام ڪرشن لوھاڻي جي گھر ۾ جنم وٺندڙ پارومل ھيراني مان ميٽرڪ پاس ڪرڻ بعد ٽنڊوآدم مان انٽر جي تعليم مڪمل ڪئي ۽ ترت ئي ميرپورخاص ۾ مستقل رھائش اختيار ڪيائين جتي ڪيس ادب ۽ صحافت ۾ رياض حسين ميمڻ ۽ فن و ثقافت ۾ قائم سولنگيءَ جي رھنمائي حاصل ٿيس. ھن مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڪالم ۽ رپورٽون لکڻ سان پنھنجي صحافتي زندگي جي شروعات ڪئي ۽ ڏينھن رات لکڻ واري شوق ۾ مصروف ٿي ويو. انھيءَ عرصي دوران ڪيس ايريگيشن کاتي ۾ ڪلارڪي بہ ملي جنھن سان روزگار جو مسئلو حل ٿي ويس. ھن جي آتم ڪٿائي انٽرويو تي مشتمل ھڪ ڪتاب "پريمي جون پچارون" ۽ "سي ئي سڄڻ ساريم" شائع ٿي چڪا آھن. سنڌ جي تمام علمي، ادبي، صحافتي ۽ ثقافتي تنظيمن توڙي شخصيتن سان ھر وقت لھ وچڙ ۽ رابطي ۾ رھندو اچي. پارومل پريمي ھڪ ئي وقت لاتعداد تنظيمن جو سرگرم عھديدار ۽ ميمبر پڻ آھي ۽ سندس خدمتون وسارڻ جوڳيون ناھن.

..........................................

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ماسٽر لالا گُل

## (فنڪار)

مشهور فنڪار ماسٽر لالا گل ڀڳتي ڪلامن جي ڪلاسيڪل فنڪار ڀڳت سومجي ڀائيا جو شاگرد هو ۽ هن ڪان گائڪي جي سِکيا وٺڻ سان گڏوگڏ مقامي سطح تي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندڙ هو. هير موري پرسان رهندڙ هن سُريلي راڳي جو اصل نالو لالا ڪرم چند هو ۽ ايترو مشهور نه هو جڏهن راقم الحروف رياض حسين ميمڻ سان مليو ته ان سندس فن ۽ شخصيت کي پرکي ورتو ۽ سندس اخباري انٽرويو هفتيوار "همدرد" ۾ ٻين اخبارن ۾ شائع ڪرائي کيس متعارف ڪرايو. ان ڪانسواءِ راقم جي ئي صلاح سان لالا ڪرم چند جو نالو بدلائي لالا گل رکيو ويو. رياض ميمڻ هن کي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي پروڊيوسر نصير مرزا سان ملايو ۽ نون سيڪڙات فنڪارن جي حوصلہ افزائي لاءِ نشر ٿيندڙ هفتيوار پروگرام "رنگ نئو" ۾ چانس ڏياريائين. جنهن ۾ ماسٽر لالا گل جي آواز ۾ ڏهه ڪلام رڪارڊ ڪيا ويا . ان ڪانسواءِ ماضيءَ جي مشهور فنڪار غفور گل سان ملاقات ڪري ان جو شاگرد بڻجڻ جو به اعزاز حاصل ڪيائين. ماسٽر لالا گل ڪافي عرصي کان معدي جي تڪليف هئڻ سبب وڏيڪ متحرڪ نٿو رهي. البته هن جي آواز ۾ ڳايل ڪلامن جي هڪ آڊيو ڪيسٽ ۽ بيشمار لائونچنگ شو سميت سي ڊيز ۽ ڊي. وي. ڊيز انٽرنيٽ تي موجود آهن.

..........................................................................

# خوشبو لغاري

## (فنڪاره)

موجوده دور ۾ ميرپورخاص جي حوالي سان نوجوان ۽ سريلي فنڪاره خوشبو لغاري تمام ٿوري وقت اندر نه رڳو پنهنجي ملڪ ۾ پر پاڪستان کان ٻاهرين ملڪن ۾ پڻ پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي آهي، خوشبو لغاري کي ننڍپڻ کان ئي پنهنجي والد کان شاعري ۽ سنگيت جي سنگت ملي. سندس والد يوسف لغاري جيڪو هڪ اسڪول ٽيچر ۽ گڏوگڏ سٺو شاعر پڻ آهي. هن پارٽ ٽائيم مشهور رڪارڊنگ ڪمپني ”ٽر پروڊڪشن“ ۾ مئنيجر طور رهڻ دوران پنهنجي نياڻي خوشبو لغاري کي پڻ اُتي موسيقيءَ جي وڏن موسيقارن ۽ اتي ايندڙ فنڪارن کان سکيا ۽ رهنمائي ڏياري اڄ خوشبو لغاري سنڌ جي هڪ مصروف ۽ معروف فنڪاره بڻجي وئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# لعل محمد پٺاڻ

## (مصور)

سنڌ جو مشهور مصور لعل محمد پٺاڻ 12 اپريل 1939ع تي ميرپورخاص ۾ جنم ورتو. لعل محمد پٺاڻ هتانجي مشهور اداڪار ۽ موسيقار آغا گل محمد پٺاڻ جو پاءُ هو! ڪيس پينٽنگ ۽ مصوري جي آرٽ جو بيحد شوق هو. هن پنهنجي فن پارن ۾ گهٽوڪري ضلع ٿرپارڪر جي غريب ۽ ڏتڙيل ماڻهن جي عڪاسي ڪئي ۽ خاص طور تي ٿر جي اقليتي مظلوم ۽ جفاڪش عورتن جون تصويرون دنيا ۾ روشناس ڪرائي نالو ڪمايو. لعل محمد پٺاڻ ٿرپارڪر ڪلچرل هال ۾ قائم ميوزيم جو انچارج به هو ته هڪ وڏي تعليمي اداري ۾ ڊرائينگ جو استاد به رهيو. هن جا ٺاهيل پورٽريٽ سنڌ الاجي ميوزيم، سنڌ عجائب گهر ۽ ٻين ادارن ۾ موجود آهن. هن 6 جون 2009ع ۾ وفات ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سڪندر پينٽر

## (آرٽسٽ)

ميرپورخاص ۾ آرٽ ۽ پينٽنگ جي حوالي سان جنهن شخصيت کي شهرت حاصل آهي اهو سڪندر پينٽر آهي! سندس وڏو ڀاءُ ملڪ اڪبر عباس عرف ملڪ انوکو پاڪستان فلم انڊسٽري جو مشهور مزاحيه اداڪار ٿي گذريو آهي. سڪندر حسين ملڪ جيڪو پڻ پنهنجي وڏي ڀاءُ ملڪ انوکو جي شڪل شباهت رکندڙ آهي آرٽ ۽ پينٽنگ جي ڪم ۾ پنهنجي الڳ سڃاڻپ رکي ٿو. جيتوڻيڪ سندن مادري ٻولي سرائڪي آهي پر هو اردو. پنجابي ۽ سنڌي ٻولي ۾ چڱي ريت ڳالهائي ٿو. ورهين کان ولي پيلس سئنيما سان لاڳاپيل رهيو جتي لڳندڙ نمائشي پوسٽر ٺاهيندو هو. شهر جي مختلف علائقن ۾ دوڪان کولي پنهنجي فن ذريعي روزگار ڪمائيندو رهيو. هن پنهنجي فن جا ڪيترائي شاگرد پيدا ڪيا جيڪي اڄ پنهنجي پنهنجي روزگار سان لڳل آهن. سڪندر پينٽر هڪ حساس ۽ رحمدل ماڻهو آهي ۽ هر ڪنهن کي مشڪل جي گهڙيءَ ۾ ڪم اچڻ وارو آهي.

..........................................................

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڀڳت سيئو مل (مهان پرش ماڻهو)

لوڪ ڏاهپ جي ڏاهن سان ڪچهريون ڪرڻ ۽ سنڌي ادب جي مطالعي مان معلوم ڪيو اٿم ته سنڌي سنگيت جي به پنهنجي الڳ واڪاڻ رهي آهي ۽ ايئن وري سنڌي موسيقيءَ جي دنيا ۾ ”ڀڳت“ وجهڻ جي به پنهنجي الڳ تاريخ آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ مختلف وقتن تي مختلف ڀڳتن ڀڳتي ذريعي زندگي جي اخلاقي قدرن کي عام ڪرڻ لاءِ جهرجهنگ تائين امن جو پرچار ڪيو آهي. سنڌي سنگيت جي دنيا ۾ ڀڳت ڪنور رام وڏو نالو ڪمايو ۽ ان ڪانسواءِ ٻيا به ڪيترائي ڀڳت ٿي گذريا آهن جڏهن ته اهڙي ريت مشهور سيئو مل به نالو اچي ٿو جنهن پنهنجي سموري حياتي ڀڳتي شيوا ۽ هڪ ٻئي سان پيار ونڊڻ جو سنديش ڦهلائيندي گذاري.

ڀڳت سيئومل اصل ڳوٺ مسڻ وڏي ضلع ٽنڊوالهيار جو ويٺل هو جيڪو اڄ کان تقريبن اڌ صدي اڳ ڏاري پنهنجي پريوار سميت ميرپورخاص لڏي آيو. پاڻ ڳائيندو ڪونه هو پر وٽس سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ مان ڀڳت اچي ڀڄن ڳائيندا هئا! پاڻ کي ڀڄن ٻاءِ ڪرائڻ سان لڳاءُ هوس ۽ پنهنجي پريوار سميت آيل ڀڳتن جي شيوا ڪندو هو سندس وٽ ذات پات جو ڪوبه ڀيدڀاءُ نه هو ديوان برادري سان تعلق رکندڙ ڀڳت سيئومل ميرپورخاص جي ڀڳتي تاريخ ۾ وڏو نانءُ ڪمايو سندس ڏيءَ ديوي ٻائي به ان وقت موجوده لوهاڻه هندو ڪميونٽي هال سامهون سيشن ڪورٽ واري لال مندر جي سنڀاليندڙ هئي. ان وقت اهو مندر اڄا ايترو وسيل ڪونه هو. ديوي ٻائي جو پٽ ناري مل وري ميلن ۾ ڏٺونڪن جي جهمر جو ڪاريگر هو جيڪو پڻ ڀڳت نارو مل جي نالي سان مشهور هو ۽ جواني ۾ ئي دل جي اٽيڪ سبب گذاري ويو. ڀڳت سيئو مل جي ڀڳتي سنگت سان لاڳاپيل سنڌ جي مختلف شهرن ۾ موجود مهان پرشن جا پريوار اڄ به سندن يادن ۾ ڀڳتي شيوا کي ساراهين ٿا. مون پنهنجي وس آهر معلومات


Scanned with CamScanner

حاصل ڪئي آهي. وڏيڪ اميد اٿم ته ناچيز ڪيمچند لوهاڻو جيڪو پڻ سنڌس پريوار جي ٽين پيڙهي سان تعلق رکي ٿو، ۽ جاڪوڙي ليکڪ قابل فلمڪار پڻ آهي، اهو پگت سيئومل جي شخصيت متعلق يادگيرين کي سهيڙيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | | |
|---|---|---|
| 17. | ايم حسن جوڻيجو (مرحوم) | اسٽيج اداڪار |
| 18. | ڊيدار ناٿوڊيپوٽو | اسٽيج اداڪار |
| 19. | صديق ساگر | اسٽيج اداڪار |
| 20. | فرزانه ڪنول | اسٽيج اداڪاره |
| 21. | رياض احمد راجو | اسٽيج اداڪار |
| 22. | پرنس سعيد خان (مرحوم) | اسٽيج اداڪار |
| 23. | حفيظ مستانو | اسٽيج اداڪار |
| 24. | عبدالغفور عباسي | اسٽيج اداڪار |
| 25. | ايم اسلم سمون | اسٽيج اداڪار |
| 26. | بشير دراني | اسٽيج اداڪار |
| 27. | مرزا اسلم بيگ | اسٽيج اداڪار |
| 28. | امام بلوچ | آرٽسٽ- پينٽر |
| 29. | ارشاد بيگ | پينٽر - مصور |
| 30. | گل حسن ناز | آرٽسٽ- پينٽر |
| 31. | نديم پينٽر (مرحوم) | پينٽر |
| 32. | خانو | پينٽر |
| 33. | مزمل | پينٽر |
| 34. | اعجاز مغل | پينٽر |
| 35. | محسن اعجاز | پينٽر - مصور |
| 36. | سرفراز | مصور |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# هن ڪتاب متعلق



ٽيهارو سال کن اڳ سندس ڇپايل ڪهاڻين جي ڪتاب «آشائن جا ديپ» ڪانپوءِ وقت جي وڏي وٿيءَ بعد جڏهن ليکڪ رياض حسين ميمڻ جي اندر ۾ ويٺل ادب جي جن ڀوت کي قلم کڻڻ لاءِ ٻيهر جاڳايو ته تقريبن ٽن ڏهاڪن جي طويل عرصي پڄاڻان پنهنجي آتم ڪهاڻي جو ڪتاب «لڙڪ لهرون سڏڪا» لکي جڻ ته سڀنيءَ کي حيران ڪري ڇڏيائين ۽ بس پوءِ ته ڪٿي ائين سمجهيو لکڻ جي حوالي سان اصل وڻ گهوڙو ٻڌڻ ٿي نه پيو ڏي، ويتر جو جڏهن ڪان ميرپورخاص جي ڏات ڌڻين جي فني ۽ ثقافتي سرگرمين بابت هڙو ڪتاب لکڻ جو ارادو ڪيائين، تڏهن ڪان وٺي هي ڪتاب ڇپائي اوهان جي هٿن منجهه پهچائڻ تائين اصل سک جو ساهه به نه کنيائين.

ميرپورخاص جا ڏات ڌڻي نالي هن ڪتاب جي حصي پهرين ۾ ميرپورخاص سان تعلق رکندڙ هتان جي محققن، مصورن، ڪلاسيڪل راڳين، اداڪارن، سنگيتڪارن، آرٽسٽن، شاعرن، ليکڪن ۽ صحافين سميت زندگي جي مختلف شعبن سان لاڳاپيل ڪل 37 شخصيتن متعلق سندن پروفائيل، مختصر آتم ڪهاڻيون، تاثرات، يادگيريون ۽ ڊائرين جا ورق شامل ڪري ليکڪ ميرپورخاص جو اڌ صديءَ جو ثقافتي جائزو پيش ڪيو آهي

جڏهن ته ليکڪ جا وڏا وڙ جو پنهنجي قلم جي پورهئي مان ڦٽي نڪتل هن ڪتاب جي ارپنا مون «ناچيز» جي نان ڪري سچ ته مون کي وڏو مان به بخشيو اٿائين

خواهش آهي ته ميرپورخاص جي ڏات ڌڻين جي فني ۽ ثقافتي سرگرمين متعلق اڃا به وڌيڪ معلومات حاصل ڪري هن ڪتاب جي ٻئي حصي جي صورت ۾ ڇپائي اوهان جي هٿن تائين پهچايون.

بحرحال اميد آهي ته ليکڪ رياض حسين ميمڻ جي قلم جو هي پورهيو اوهان پڙهندڙن کي ضرور پسند ايندو

ناچيز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

**https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book**